# ٩. پَنجَڪڙا

## پُڙهو. سمجهو ۽ ڳايو.

لڳايون گَهر گَهر ۾ اَج باغَ،
وڏايون ميون ٻاڇين ڪي،
گَهٽايون اَنَ جي گُهرجُن ڪي؛
مِٽايون محتاجيءَ جا داغ،
لڳايون گَهر گَهر ۾ اَڄُ باغ.






صفائيِ سيوا هِڪُ وردانُ؛
نہ ڏسِجَنِ ڪِچِرَنِ جاڪِتِ ڍير،
بِيماريون پَويان ڪنديوُن پير؛
هوا، جَلُ شُڌِ، بَدَنُ ٻَلوانُ،
صفائيِ سيوا هڪ وَرِدانُ.

بَچايون ڏيءُ، پڙهايون ڏيءُ،
سنڀالي وٽندي گَهرُ سنسارُ؛
جڳت ٿي پوندو باغ بَهارُ؛
سڀئي چوندس ’جڳُ جڳُ جيءُ‘،
بچايون ڏيءُ، پڙهايون ڏيءُ.



بچايون اَڄُ بِجلي ۽ پاڻي،
ضرورت سڀ ڪي جن جي آهہ،
جِيوُن سڀ هِڪِ ٻئي جي لاءِ،
هَنڊايون وڏڙن جي واٽي،
بچايون اَج بِجلي ۽ پاڻي.



**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| مِتايون = دور ڪريون، | محتاجي = موتاجي، | وردان = ذات |
| پير ڪرڻ = پُنتي موٽڻ، | جڳت = سنسار، | باغ بهار ٿيڻ =خوش ٿيڻ، |
| جُڳ جُڳ جِيئڻ = سدا سلامت رهڻ. | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١. ميوا پاڃيون وڌائڻ لاءِ ڇا ڪَرڻ گهرجي؟
٢. بيماريون پويان پير ڪڏهن ڪنديون؟
٣. بدن ٻلوان رکڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
٤. جڳت باغ بهارُ ڪڏهن ٿي سگهندو؟

**سوال٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١. شاعر باغ لڳائڻ لاءِ ڇو ٿو چوي؟
٢. صفائيءَ کي وردان ڪيئن ثابت ڪري سگهبو؟
٣. ڊيئرن کي بچائڻ ۽ پڙهائڻ ڇو ضروري آهي؟

**سوال٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

١. وڌايون ........................................................................ گهُرجُن کي.
٢. هِوا جل ................................................................................ هڪ وردانُ.
٣. سنڀالي وٺندي ...................................................................... باغ بَهارُ.

**سوال٤: بيت جي آڌار تي خال ڀريو:**

١. متايون ............... جا داغ.
٢. ............... پويان ڪنديون پيرَ
٣. بچايون ڌيءُ، پڙهايون ............... .

**سوال٥: ڏنل لفظن جا هم آوازي لفظ ڳولهي لکو:**

١. لڳايون، باغ، وردانُ، ڏير، سنسار.
٢. ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهي لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر - بند تي عملي ڪم:**

صفائي سيوا هڪ وردان ................................................ بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.

**(i) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو :-**

١) بيماريون پويان ڪنديون پير
٢) جڳت ٿي پوندو باغ بهار

(ii) ”صفائي سيوا هڪ وردان“ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) ’وردان‘ لفظ جا اَڪر ڪم آڻي نوان لفظ ٺاهيو

۱) ---------- (پُڇ سان لڳاپو رکندڙ)

۲) ---------- (دروازو)

۳) ---------- (گهوٽ)

۴) ---------- (مٿي تي موجود)

(iv) ’بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.‘

جو آڌار وٺي هيٺ ڏنل جملن لاءِ برئڪيٽ ۾ صحيح / غلط لکو

۱) ڌيءُ گهر سنسار سنڀاليندي آهي. ( )

۲) ڌيءَ هڪ بوجهه آهي. ( )

۳) ڌيءَ جمڻ تي، خوشيون ملهائڻ گهرجن. ( )

۴) ڌيءَ پڙهائڻ سان تعليم جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو. ( )

(۲) ’بيٽي بچائو بيٽي پڙهائو‘ ڪاريڪرم هيٺ سرڪار پاران ڌيئرن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر ڪيون ويون آهن. نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

(۳) ”وڻن مان فائدا“ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(۴) چتر ڏسو. ڄاچيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو تہ صحيح آهن يا غلط:-

چتر ۾ ڏنل چوڪنڊي ۾ ✓ يا ✗ لکو.

